SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXV مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XXXV OF 2002

سنڌ سرڪاري ملازم (پي ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH CIVIL SERVANTS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV ۾ 23_A جو اضافو
Insertion of section 23_A in Sindh Act XIV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV ۾ 23_B جو اضافو
Insertion of section 23_B in Sindh Act XIV of 1973

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXV مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XXXV OF 2002
سنڌ سرڪاري ملازم (پي ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH CIVIL SERVANTS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[12 آڪٽوبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازم (پي ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

2. سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ دفعہ 23 کانپوءِ هيٺيون نيون دفعات شامل ڪيون ويندیون:

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV ۾ 23_A جو اضافو

"(23A. **ضمانت).** ڪو بہ مقدمو ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي ڪنهن سرڪاري ملازم خلاف نہ ٿيندي، جيڪڏهن هن پنهنجي سرڪاري حيثيت سان هن ايڪٽ يا قاعدن، يا ڏنل مشورن ۽ هدايتن موجب چڱي نيت سان ڪجهہ ڪيو هجي يا ڪجهہ ڪرڻ جو ارادو ڪيو هجي.

Insertion of section 23_A in Sindh Act XIV of 1973

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV ۾ 23_B جو اضافو

(23B. **دائره اختيار تي پابندي).** جيڪڏهن هن ايڪٽ يا سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن جي متضاد نہ هجي، يا ان سلسلي ۾ گورنر يا سندس طرفان بااختيار ٻڌايل عملدار طرفان جوڙيل قاعدن تي ڪنهن بہ ڪيل حڪم يا هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪارروائي، يا هن ايڪٽ يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قائدن موجب مليل اختيارن جي سلسلي ۾ ڪو فيصلو ڪيو وڃي يا ڪا ڪارروائي ڪئي وڃي تہ ڪنهن بہ عدالت ۾ سوال نہ اٺاريو ويندو ۽ ڪنهن عدالت طرفان ڪو بہ فيصلو نہ ٻڌايو ويندو.

Insertion of section 23_B in Sindh Act XIV of 1973

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي